مهراڻ سيريز

نئين نصاب مطابق

مهراڻ

# درسي سنڌي ڪتاب

پهرئين ڪلاس لاءِ

## ۽ ورڪ بُڪ

سنڌي گرامر ۽ ڪمپوزيشن سان گڏ


ليکڪ

شيخ نديم تصور

M.A (Sindhi), M.A (Eco:) M.Ed.



زم زم سائنس پبليڪيشنز ڪراچي ®

SCIENCE PUBLICATIONS

# انتباهه

هن ڪتاب جا مڪمل حق پبلشر وٽ محفوظ آهن.
هن ڪتاب جي ڪنهن بہ حصي جي مڪمل طور تي جزوي لحاظ سان نقل ڪرڻ واري جي خلاف ڪاپي رائيٽ ايڪٽ تحت قانوني ڪارروائي ڪئي ويندي.

ناشر

زمزم سائنس پبليڪيشنز ڪراچي®
ٽريڊ مارڪ (مهراڻ سيريز) رجسٽرڊ

قانوني مشير

ذوالفقار علي شيخ

ڪتاب: مهراڻ سنڌي درسي ڪتاب

ليکڪ: شيخ نديم تصور
M.A (Sindhi), M.A (Eco:), M.Ed:

معاون: وڪيل گل M.A (Sindhi), B.Ed:

ڪمپوزنگ: عمران ميراڻي ۽ عديل احمد دايو

ڊزائيننگ: آصف ڪمپوزرس لکي

پبلشرز: زمزم سائنس پبليڪيشنز

## اسٽاڪسٽ

نيو مهراڻ بُڪ اسٽور — نم جي چاڙهي سکر — 071-5626093

مهراڻ بُڪ سينٽر — شاهي بازار سکر — 071-5624790, 071-5627774

سنڌ جي هر ننڍي وڏي شهر جي سيني دڪانن تي بارعايت دستياب آهي.

# فهرست


| سبق | عنوان | نمبر |
|---|---|---|
| 01 | گيت ڏٽيءَ جا ڳڌجي ڳايون! | 4 |
| 02 | الله سائين | 6 |
| 03 | اسان جو پيارو نبي ﷺ | 8 |
| 04 | مسجد | 10 |
| 05 | سچ ڳالهاءِ | 13 |
| 06 | اسان جواسڪول | 16 |
| 07 | جهنڊو | 18 |
| 08 | اسان جوڳوٺ | 21 |
| 09 | سواريون | 24 |
| 10 | جانورن جو باغ | 26 |
| 11 | تارا | 28 |
| 12 | جاندار ۽ بي جان شيون | 31 |
| 13 | رنگ سجاڻ | 33 |
| 14 | اسان جو وطن | 36 |
| 15 | سياڻي چوڪري | 39 |
| 16 | پلا ٻڌاءِ ته چا آهي؟ (نظم) | 41 |
| 17 | اچو ته گل ڳاهيون | 44 |
| 18 | سچ | 46 |
| 19 | شينهن ۽ ڪوئو | 48 |
| 20 | آواز (نظم) | 49 |
| 21 | دعا (نظم) | 52 |

# گيت ڏَٺِيءَ جا گَڏجِي ڳايُون!

## ڏکين لفظن جي معنيٰ

| معنيٰ | لفظ |
|---|---|
| گانا | گيت |
| سرد/ٹھنڈا | ٿڌڙا |
| کپڑا/پوشاک | ويس |
| پارائي | پهرائي |
| اناج | اَنَ |
| پيدا کري | اُپائي |
| آسمان | عرش |
| چمکائي | ٽمڪائي |
| تعريف کريون | ساراهيون |

## شعرن جي تشريح

بيت:

گيت ڏٽيءَ جا ڳُڌجي ڳايون
جو تو تڏڙا مينهن وسائي
باغن ۾ جو ان پچائي
ويس گلن کي جو پهرائي

سمجهاڻي: هن بيت ۾ شاعر چوي ٿو ته ڳُڌجي الله سائينءَ جي تعريف ڪريون، الله سائين اسان جي لاءِ رحمت جا مينهن وسائي ٿو، باغن ۾ انب يعني ميوا پچائي ٿو ۽ گلن کي خوبصورت لباس ٿو پهرائي.

بيت:

ان پچائي گاهه اپائي
عرش ۾ جو تارا تمڪائي
تنهن مال کي سڀ ساراهيون
گيت ڏٽيءَ جا ڳُڌجي ڳايون

سمجهاڻي:

هن بيت ۾ شاعر چوي ٿو ته الله سائينءَ اسان جي ڪائنٽ لاءِ ان ٿو پچائي، گاهه ٿو پيدا ڪري، آسمان ۾ ستارا ٿو تمڪائي، ان مالڪ جي سڀ ئي تعريف ڪريون ٿا، الله سائينءَ جي شان ۾ ڳُڌجي بيت چئون ٿا.

# اَللهُ سائِين

## ڏکين لفظن جي معنيٰ

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| خالق | پيدا ڪرڻ وارو | هر هنڌ | هرجاءِ |
| ٻاجهارو | مهربان | حُڪم | اَمر |
| علم | ڄاڻ | عبادت | بندگي |
| عقل | سمجهه | هوا | فضا |
| پيدا ڪرڻ | خلقڻ | | |

## خلاصو

توکي ۽ مونکي الله سائينءَ پيدا ڪيو آهي. هو اسان سڀني جو خالق ۽ مالڪ آهي. الله پاڪ تمام گهڻو ٻاجهارو ۽ مهربان آهي. اسان لاءِ سڀئي اناج، ميوا، الله سائينءَ ئي پيدا ڪيا آهن، سج، چنڊ ۽ تارا به هن ئي پيدا ڪيا آهن. هن اسان کي علم ۽ عقل ڏنو آهي، مطلب ته هر شيءِ جو پيدا ڪندڙ الله سائين آهي. اسان سڀني کي گهرجي ته الله جو شڪر ادا ڪريون ۽ ان جي عبادت ڪريون، ان کان ئي مدد گهرون.

# مشق

## ا هيٺين سوالن جا جواب لکو.

1. توکي ۽ مونکي ڪنهن پيدا ڪيو آهي؟
ج. توکي ۽ مون کي الله تعاليٰ پيدا ڪيو آهي.

2. الله سائين ڪٿي آهي؟
ج. الله سائين هر هنڌ آهي.

3. سج، چنڊ ۽ تارا ڪنهن پيدا ڪيا آهن؟
ج. سج، چنڊ ۽ تارا الله تعاليٰ پيدا ڪيا آهن.

## ب صحيح جواب چونڊيو.

1. الله تعاليٰ موجود آهي:
(i) آسمان تي　(ii) زمين تي　(iii) هر هنڌ ✓

2. اسان جو خالق ۽ مالڪ آهي:
(i) الله ✓　(ii) نبي　(iii) فرشتو

3. اسان کي عِلم ۽ عقل ڏنو:
(i) والدين　(ii) الله ✓　(iii) دوست

## د اکر ملائي لفظ ٺاهيو:

| | | | |
|---|---|---|---|
| سـ......ڳـ.....و.....رو | سڳورو | شـ.........يـ.......ون | شيون |
| چـ.....نـ......ڊ | چنڊ | عـ....لـ......م | علم |

## ر سامهون ڏنل لفظ چونڊي خال ڀريو.

1. هو اسان سڀني جو ___خالق___ ۽ مالڪ آهي.
2. هن اسان کي ___علم___ ۽ عقل ڏنو آهي.
3. سج ___چنڊ___ ۽ تارا بہ هن ئي پيدا ڪيا آهن.
4. اسان کي گھرجي تہ ان جو ___شڪر___ ادا ڪيون.
5. ان کان ئي ___مدد___ گھرون.

سبق 3

# اسان جو پيارو نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم

## ڏکين لفظن جي معنيٰ

| معنيٰ | لفظ | معنيٰ | لفظ |
|---|---|---|---|
| والده | امڙ | مان وارا | سڳورا |
| پرورش | پالنا | سٺي اخلاق وارا | سلڇڻا |
| انهن کي | کين | احترام | ادب |
| هميشه | سدائين | حاصل ڪيو | پرايو |
| ان مان | مٿن | ڪٽنب | خاندان |
| پسند ڪندو | پائيندو | پيدا ٿيا | ڄاوا |

### خلاصو

اسان جي پياري نبي صلي الله عليه وآلهٖ وسلم جو نالو حضرت محمد صلي الله عليه وآلهٖ وسلم آهي. پاڻ سڳورا الله پاڪ جا آخري نبي آهن. پاڻ سڳورن جي پيءُ جو نالو حضرت عبدالله ۽ امڙ جو نالو حضرت بيبي آمنه آهي. پاڻ سڳورن جي ننڍي هوندي کان ئي پالنا سندن ڏاڏي حضرت عبدالمطلب ۽ چاچي حضرت ابو طالب ڪئي. پاڻ سڳورا هميشه سچ ڳالهائيندا هئا، الله تعاليٰ پاڻ سڳورن مٿان قرآن شريف نازل ڪيو، پاڻ سڳورن فرمايو آهي ته: الله هڪ آهي، نماز پڙهو، ماءُ پيءُ جو چيو مڃيو، علم پرايو ۽ سدائين سچ ڳالهايو.

# مشق

## ا هيٺين سوالن جا جواب لکو.

1. اسان جي پياري نبي ﷺ جو نالو ڇا آهي؟
ج. اسان جي پياري نبي ﷺ جو نالو حضرت محمد ﷺ آهي.
2. پاڻ سڳورا ﷺ ڪٿي پيدا ٿيا؟
ج. پاڻ سڳورا ﷺ مڪي شريف ۾ پيدا ٿيا.
3. پاڻ سڳورا ﷺ ڪهڙي خاندان ۾ ڄاوا؟
ج. پاڻ سڳورا ﷺ قريش خاندان ۾ ڄاوا.
4. پاڻ سڳورن ﷺ جي پيءُ جو نالو ڇا آهي؟
ج. پاڻ سڳورن ﷺ جي پيءُ جو نالو حضرت عبدالله رضہ آهي.
5. پاڻ سڳورن ﷺ جي امڙ جو نالو ڇا آهي؟
ج. پاڻ سڳورن ﷺ جي امڙ جو نالو حضرت بيبي آمنہ رضہ آهي.
6. پاڻ سڳورن ﷺ جي ڏاڏي جو نالو ڇا آهي؟
ج. پاڻ سڳورن ﷺ جي ڏاڏي جو نالو حضرت عبدالمطلب آهي.
7. پاڻ سڳورن ﷺ کي ننڍي هوندي ڪنهن پاليو؟
ج. پاڻ سڳورن ﷺ کي ننڍي هوندي حضرت ابوطالب پاليو.

## ب صحيح جواب چونڊيو.

1. پاڻ سڳورا الله تعاليٰ جا نبي بڻجي آيا:
(i) پهريان (ii) پنجان (iii) آخري ✓
2. پاڻ سڳورن جي امڙ جو نالو آهي:
(i) بيبي آمنہ ✓ (ii) بيبي ساره (iii) بيبي حاجره
3. پاڻ سڳورا صلي الله عليہ والہٖوسلم پيدا ٿيا:
(i) مديني ۾ (ii) مڪي ۾ ✓ (iii) جدي ۾
4. الله تعاليٰ مٿن لاٿو:
(i) زبور (ii) انجيل (iii) قرآن ✓
5. قرآن شريف الله جو ڪتاب آهي:
(i) پهريون (ii) ٻيون (iii) آخري ✓

سبق 4

# مسجد

### ڏکين لفظن جي معنيٰ

| معنيٰ | لفظ | معنيٰ | لفظ |
|---|---|---|---|
| ٽولو | جماعت | خلاصي/ويڪري | ڪشادي |
| جسم | بدن | آڳر/پڌر | اڱڻ |
| اذان | ٻانگ | ٿڌا | نڪون |
| خوبصورت | سهڻي | چٽايون | فراسيون |

### خلاصو

اسان جي پاڙي ۾ هڪ مسجد آهي جتي اسين نماز لاءِ گڏ ٿيندا آهيون، نماز پڙهڻ کان اڳ وضو ڪيو ويندو آهي. مسجد ۾ جماعت سان پنج وقت نماز پڙهبي آهي. مسجد ۾ جمعي نماز پڻ پڙهبي آهي. جمعي نماز تي مسجد ۾ تمام گهڻا ماڻهو ايندا آهن. نماز پڙهڻ کان اڳ اذان ڏنو ويندو آهي. اذان ڏيڻ واري کي ٻانگو (مؤذن) چئبو آهي. پيش امام جماعت سان نماز پڙهائيندو آهي. اسان قرآن شريف جو سبق ٻه ان کان ئي وٺندا آهيون.

# مشق

## ا هيٺين سوالن جا جواب لکو.

1 مسجد جي اڱڻ پرسان ڇا آهي؟

ج مسجد جي اڱڻ پرسان وضوءَ جي جاءِ آهي.

2 جماعت سان نماز گهڻا وقت پڙهبي آهي؟

ج جماعت سان نماز پنج وقت پڙهبي آهي.

3 مسجد جي اندر ڇا وڇايل آهن؟

ج مسجد جي اندر نڪون ۽ فراسيون وڇايل آهن.

4 نماز پڙهڻ کان اڳ ڇا ڏني ويندي آهي؟

ج نماز پڙهڻ کان اڳ اذان (بانگ) ڏني ويندي آهي.

5 جماعت سان نماز ڪير پڙهائيندو آهي؟

ج جماعت سان نماز پيش امام پڙهائيندو آهي.

6 اسان کي قرآن شريف ڪير پڙهائيندو آهي؟

ج اسان کي قرآن شريف پيش امام پڙهائيندو آهي.

## ب صحيح جواب چونڊيو.

1 اسان جي پاڙي ۾ آهي:

(i) اسڪول (ii) مسجد ✓ (iii) اسپتال

2 مسجد جو اڱڻ آهي:

(i) ننڍو (ii) ڏِگهو (iii) وڏو ✓

3 نمازي، نماز کان اڳ ڪندا آهن:

(i) وضو ✓ (ii) غسل (iii) راند

4 مسجد ۾ جماعت سان نماز پڙهبي آهي:

(i) هڪ وقت (ii) ٻه وقت (iii) پنج وقت ✓

5 مسجد ۾ بانگ ڏيڻ واري کي چئبو آهي:

(i) امام (ii) مؤذن ✓ (iii) خليفو

## ج سامهون ڏنل لفظ چونڊي خال پريو .

1. اسان جي پاڙي ۾ هڪ ......مسجد...... آهي.
2. ......وضو...... نماز کان اڳ ڪبو آهي.
3. نماز پڙهڻ کان اڳ ......بانگ...... ڏني ويندي آهي.
4. هو اسان کي ......نماز...... پڙهائيندو آهي.

بانگ
نماز
مسجد
وضو

## د هيٺين لفظن جا جمع لکو.

| واحد | جمع |
|---|---|
| مسجد | مسجدون |
| نماز | نمازون |
| جاءِ | جايون |

| واحد | جمع |
|---|---|
| نڪ | نڪون |
| پاڙو | پاڙون |

Colourbox

# سچ ڳالهاءِ

## ڏکين لفظن جي معنيٰ

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| چاهت | محبت | جيون | زندگي |
| راحت | سکون | پسندو | ڏسندو |
| خوار | ذليل | سرهو | خوش |
| سچار | سچ ڳالهائڻ وارو | دم | شاهه |

## شعرن جي تشريح

بيت: ڪوڙ کان پنهنجو پاڻ بچايو
اوهان هميشه سچ ڳالهايو

سمجهاڻي: هن بيت ۾ شاعر ”غلام محمد غازي“ ٻارڙن کي صلاح ڏيندي چوي ٿو ته ڪوڙ ڳالهائڻ کان پاسو ڪريو، سدائين سچ ڳالهائيندا ڪريو.

بيت: ڪوڙ جي ٻيڙي ٻڏندي آهي
سچ جي ٻيڙي ترندي آهي

سمجهاڻي: هن بيت ۾ شاعر ”غلام محمد غازي“ چوي ٿو ته ڪوڙ ڳالهائيندڙ نيٺ ظاهر ٿي خوار ٿيندو آهي ۽ سچ ڳالهائڻ وارو خوش ٿي ڪامياب ٿيندو آهي.

بيت: سچ سان هر دم رکجي چاهت
سچ سان من کي ملندي راحت

سمجهاڻي: هن بيت ۾ شاعر ”غلام محمد غازي“ چوي ٿو ته هر وقت سچ ڳالهائڻ سان پيار هجي چو ته سچ سان ئي دل کي سڪون ملندو آهي.

بيت: ڪوڙو ماڻهو رهندو خوار
سرهو رهندو آهي سچار

سمجهاڻي: هن بيت ۾ شاعر ”غلام محمد غازي“ چوي ٿو ته ڪوڙي ماڻهوءَ جي ڪو بہ عزت نہ ڪندو ۽ اهو جتي ڪٿي شرمسار ٿيندو آهي ۽ سچ ڳالهائڻ وارو سدائين خوش رهندو آهي.

بيت: سچ سان ” غازي“ جيڪو هلندو
ڏک نہ جيون ۾ سو پسندو

سمجهاڻي: هن بيت ۾ شاعر ”غلام محمد غازي“ چوي ٿو ته جيڪو بہ سچ جي واٽ تي هلندو. اهو زندگيءَ ۾ ڏک نہ ڏسندو.

## مشق

**ا هيٺين سوالن جا جواب لکو.**

1. اسان کي پنهنجو پاڻ ڇا کان بچائڻ گهرجي؟
ج. اسان کي پنهنجو پاڻ کي ڪوڙ کان بچائڻ گهرجي.
2. اسان کي هميشہ ڇا ڳالهائڻ گهرجي؟
ج. اسان کي هميشہ سچ ڳالهائڻ گهرجي.

3 چاجي ٻيڙي ترندي آهي؟

ج سچ جي ٻيڙي ترندي آهي.

4 چا سان مَن کي راحت ملندي آهي؟

ج سچ ڳالھائڻ سان من کي راحت ملندي آهي.

ب هيٺين جا ابتڙ لفظ ڻاهيو.

| | | | |
|---|---|---|---|
| ڪوڙو | سچو | ٻڌڻ | ترڻ |
| سچ | ڪوڙ | ڏک | سک |

ج لفظ ڻاهيو جيئن اچ مان اچو:

| | | | |
|---|---|---|---|
| ڳالھاءِ | ڳالھايو | هل | هلو |
| رک | رکو | بچ | بچو |

سبق 6

# اسان جو اسڪول

## ڏکين لفظن جي معنيٰ

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| ڏاڍو | گھڻو | باغيچو | باغ/گلشن |
| قطارون | صفون | قِسمن | نمونن |
| عزت | احترام | سَندن | انهن جو |

## خلاصو

اسان جو اسڪول ڏاڍو سٺو آهي. ان ۾ پنج ڪمرا آهن، اسان جا استاد ڏاڍا سٺا آهن، اسان کي پيار سان پڙهائيندا آهن. ڪلاسن جي ٻاهران ڪچري جا دٻا رکيل آهن، انهن ۾ گند ڪچرو ۽ ڦاٽل ڪاغذ ڦٽا ڪندا آهيون. اسڪول ۾ هڪ خوبصورت باغيچو پڻ آهي. باغيچي ۾ ڪيترن ئي قسمن جا گل ۽ ٻوٽا پوکيل آهن. انهن کي اسان پاڻي ڏيندا آهيون. اسڪول جي پرسان هڪ ميدان آهي. اسين اتي راند ڪندا آهيون.

## مشق

**ا** هيٺين سوالن جا جواب لکو.

1. اسان جي اسڪول ۾ ڪيترا ڪمرا آهن؟

ج. اسان جي اسڪول ۾ پنج ڪمرا آهن.

2. اسان گند ڪچرو ڪٿي اڇلائيندا آهيون؟

ج. اسان ڪچري جي دٻن ۾ گند ڪچرو اڇلائيندا آهيون.

3. اسان باغيچي ۾ ڇا پوکيا آهن؟

ج. اسان باغيچي ۾ گل ۽ ٻوٽا پوکيا آهن.

## ب صحيح جواب چونڊيو.

1. اسان جو ڏاڍو سٺو آهي:
(i) گهر (ii) اسڪول ✓ (iii) مدرسو

2. اسڪول ۾ ڪمرا آهن:
(i) پنج ✓ (ii) ڇهه (iii) ست

3. اسان کي پيار سان پڙهائيندا آهن:
(i) شاگرد (ii) پرنسيپل (iii) استاد ✓

4. گند ڪچرو ۽ ڦاٽل ڪاغذ اڇلائيندا آهيون:
(i) ڊبي ۾ ✓ (ii) هيٺ (iii) مٿي

## ج هيٺيان خال ڀريو

1. اسان جو اسڪول ____سٺو____ آهي.
2. اسان جو گهر ____سٺو____ آهي.
3. اسان جو ڪتاب ____سٺو____ آهي.
4. اسان جو استاد ____سٺو____ آهي.
5. اسان جو قومي جهنڊو ____سٺو____ آهي.

نوٽ: هنن سيني خالن ۾ هڪ ئي لفظ ايندو.

## د هيٺين لفظن جا ضد لکو.

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| پرسان | پريان | پاهران | اندران | صبح | شام |
| سٺو | خراب | اڇو | وچڙ | هيٺ | مٿي |

# جهنڊو

## ڏکين لفظن جي معنيٰ

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
| --- | --- | --- | --- |
| ديس | مُلڪ | شان | مانُ |
| سهڻو | خوبصورت | جهولايون | لهرايون |
| نيارو | نرالو/مختلف | مانُ | شان |

## شعرن جي تشريح

**بيت:**

پنهنجي ديس جو جهنڊو پيارو
سڀ کان آهي سهڻو سارو

سمجهاڻي: هن بيت ۾ شاعر ”غلام محمد غازي“ چوي ٿو تہ اسان جي وطن جو جهنڊو سيني کان وڌيڪ پيارو ۽ سهڻو جهندو آهي.

**بيت:**

هن ۾ چنڊ ستارو آهي
هن ۾ رنگ نيارو آهي

سمجهاڻي: هن بيت ۾ شاعر ”غلام محمد غازي“ چوي ٿو تہ اسان جي ملڪ جي جهنڊي ۾ چنڊ ۽ ستاري جو نشان آهي ۽ هن جو رنگ ٻين کان مختلف آهي.

**بيت:**

اڇو سائو سهڻو سارو
رنگ جهنڊي جو آهي ٻارو

**سمجهاڻي:** هن بيت ۾ شاعر ”غلام محمد غازي“ چوي ٿو ته اسان جي وطن جي جهنڊي جو رنگ اڇو ۽ سائو آهي.

**بيت:**

هن سان آهي شان اسان جو
وڏندو آهي مان اسان جو

**سمجهاڻي:** هن بيت ۾ شاعر ”غلام محمد غازي“ چوي ٿو ته اسان جي وطن جي جهنڊي سان ئي اسان جو شان ۽ مان وڌي ٿو.

**بيت:**

منڙا گيت وطن لئه ڳايون
گڏجي جهنڊي کي جهولايون

**سمجهاڻي:** هن بيت ۾ شاعر ”غلام محمد غازي“ چوي ٿو ته وطن جي شان ۾ پيار پريا گيت ڳايون ۽ خوشيءَ ۾ ديس جي جهنڊي کي پڻ جهولايون.

## مشق

**١** هيٺين سوالن جا جواب لکو.

1. اسان جي جهنڊي ۾ ڪهڙو نشان آهي؟

ج: اسان جي جهنڊي ۾ چنڊ ۽ ستاري جو نشان آهي.

2 اسان جي جهنڊي جو رنگ ڪهڙو آهي؟

ج اسان جي جهنڊي جو رنگ اڇو ۽ سائو آهي.

3 منڙا گيت ڪنهن جي لاءِ ڳائڻ گهرجن؟

ج پنهنجي وطن لئہ منڙا گيت ڳائڻ گهرجن.

## ب هيٺين واحد لفظن جا جمع لکو.

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| جهنڊو | جهنڊا | ستارو | ستارا | گيتُ | گيت |
| سهڻو | سهڻا | رنگُ | رنگَ | چَنڊُ | چنڊَ |

## د هن جهڙا ٻيا لفظ ٺاهيو :

| | | | |
|---|---|---|---|
| پيارو | نيارو | ٻارو | سارو |
| مان | شان | رنگ | ڍنگ |

# اسان جو ڳوٺ

## ڏکين لفظن جي معنيٰ

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| ڌاريندا | پاليندا | رازا | مستري |
| ڏڪڻ | واڍو | لوهار | لوهه ڪٽڻ وارو |
| ڪنيار | مٽيءَ جا ٿانو ٺاهڻ وارو | سيدو سامان | سودو سلف |
| ٻنيون | کيت | ڦٽيون | ڪپهه جا ٻوٽا |
| جام | ڏاڍا | سنگترا | نارنگيون |
| جهجها | گهڻا | ڪپ | ڪنارو |
| پرسان | ويجها | سوير | جلدي |
| گهرج | ضرورت | | |

### خلاصو

آئون هڪ ڳوٺ ۾ رهندو آهيان، منهنجي ڳوٺ جو نالو نوراجا آهي، ان ۾ سؤ کن گهر آهن. اسان جي ڳوٺ جا ماڻهو ٻڪريون، رڍون ۽ مينهون ڌاريندا آهن. اسان جي ڳوٺ ۾ رازا، ڏڪڻ، لوهر ۽ ڪنير بہ رهندا آهن، ڳوٺ ۾ ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين لاءِ اسڪول آهن، هڪ سرڪاري اسپتال بہ آهي، دوائن جو دڪان (اسٽور) بہ آهي.

ڳوٺ جي چوڌاري ٻنيون ۽ باغ آهن، هتي ڪڻڪ، ڪمند، ساريون، داليون، ڦٽيون ۽ ڀاڄيون جام ٿيندا آهن. ڳوٺ ۾ مسجد ۽ مدرسو بہ آهي. ڳوٺ جا سيئي ماڻهو پاڻ ۾ پيار سان رهندا آهن، ڳوٺ کي صاف سٿرو رکندا آهن، اسان جو ڳوٺ مثالي ڳوٺ آهي.

# مشق

## (ا) هيٺين سوالن جا جواب لکو.

1. ڳوٺ ۾ ڪهڙا گهر هوندا آهن؟

ج: ڳوٺ ۾ ڪچا ۽ پڪا گهر هوندا آهن.

2. ڳوٺ ۾ ماڻهو ڪهڙا ڪهڙا ڪم (ڌنڌا) ڪندا آهن؟

ج: ڳوٺ ۾ ماڻهو رازڪو، ڊکاٽڪو، لوهارڪو ۽ ڪنيارڪو ڪم ڪندا آهن.

3. ڳوٺ ۾ ڪهڙا ڪهڙا دڪان آهن؟

ج: ڳوٺ ۾ سيدي سامان، ڪپڙي ۽ ٻين عام گهرج وارين شين لاءِ ڪجهه دڪان آهن.

4. ڳوٺ ۾ ڪهڙي پوک ٿيندي آهي؟

ج: ڳوٺ ۾ ڪٽڪ، ڪمند، ساريون، داليون، ڦٽيون ۽ ٻاجهيون جام ٿينديون آهن.

5. ڳوٺ جي باغن ۾ ڪهڙو ميوو ٿيندو آهي؟

ج: ڳوٺ جي باغن ۾ انب، ڪارڪون، ليما ۽ سنگترا ٿيندا آهن.

## (ب) صحيح جواب چونڊيو.

1. آئون هڪ ______ ۾ رهندو آهيان.

(i) ملڪ (ii) ڳوٺ ✓ (iii) شهر

2. اسان جي ڳوٺ ۾ گهر آهن:

(i) 100 ڪن ✓ (ii) 200 ڪن (iii) 300 ڪن

3. ڳوٺ ۾ ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين لاءِ آهن:

(i) راند جا ميدان (ii) هنر (iii) اسڪول ✓

4. ڳوٺ جي ______ ٻنيون ۽ باغ آهن.

(i) اڳيان (ii) پويان (iii) چوڌاري ✓

5. اسان جو ڳوٺ ________ ڳوٺ آهي.

(i) مثالي ✓ (ii) وڏو (iii) ننڍو

## ج هيٺيان خال ڀريو

1. آئون هڪ ____ڳوٺ____ ۾ رهندو آهيان.
2. هڪ سرڪاري ____اسپتال____ آهي .
3. ڳوٺ جي____چوڌاري____ ٻنيون ۽ باغ آهن.
4. ڳوٺ جي ڀرسان ____واهه____ وهي ٿو.
5. ڳوٺ ۾ مسجد ۽ ____مدرسو____ به آهي.

# سواريون

## ڏکين لفظن جي معنيٰ

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
| --- | --- | --- | --- |
| ٽانگو | گهوڙي گاڏي | جانور | حيوان |
| ڊوئڻ | ڪڍڻ | سنيال | خيال |
| لانچن | لوهه جي ٻيڙين | بار | وزن |

## خلاصو

اسين ٽانگي تي چڙهي اسڪول ايندا آهيون، ڪي ٻار رڪشن، سائيڪلن ۽ بسن تي چڙهي اچن ٿا. اهي شيون سواريءَ جي ڪم اينديون آهن. موٽر ڪار، ريل گاڏي، وٽن، موٽر سائيڪل تي به سواري ڪبي آهي، اٺ، گهوڙو، گڏهه به سواريءَ جا جانور آهن. ڏاند گاڏي، اٺ گاڏي ۽ گڏهه گاڏي تي بار ڪٽبو آهي ۽ انهن تي سواري به ڪبي آهي. دريائن ۽ ڍنڍن ۾ لانچن ۽ ٻيڙين تي پڻ سواري ڪبي آهي.

## مشق

**ا** هيٺين سوالن جا جواب لکو.

1 توهان ڪهڙي سواريءَ تي چڙهي اسڪول ايندا آهيو؟

ج اسان رڪشا تي چڙهي اسڪول ايندا آهيون.

2 هوائي جهاز ڇاجي ڪم ايندو آهي؟

ج هوائي جهاز هوائي سفر جي ڪم ايندو آهي.

3 اٺ گاڏي ۽ گڏھ گاڏي تي ڇا ڪٽبو آهي؟

ج اٺ گاڏي ۽ گڏھ گاڏي تي بار ڪٽبو آهي.

## ب هيٺين واحد لفظن جا جمع لکو.

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| گاڏي | گاڏيون | راند | رانديون | بس | بسون |
| سواري | سواريون | گهوڙو | گهوڙا | ٻڪري | ٻڪريون |

## ج هيٺين لفظن جا ضد لکو.

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| ڳوٺ | شهر | اڳيان | پويان | صاف | ميرو/خراب |
| عام | خاص | پرسان | پري | | |

## د اکر ملائي لفظ ٺاهيو.

| | | | |
|---|---|---|---|
| ش يون | شيون | ب ا ر | بار |
| س و ا ر ي | سواري | چ ڙ هي | چڙهي |

## ز سڃاڻي ٻڌايو:



جهاز



ٻيڙي



ٽانگو

## ه هي گاڏيون ڪهڙا ڪم ڪري رهيا آهن؟



## ي سيني کان تکي سواريءَ تي (✓) جو نشان هڻو:



✓





# جانورن جو باغ

## ڏکين لفظن جي معنيٰ

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| ٽڪيٽ | اندر داخل ٿيڻ لاءِ پرچي | ولايتي | ٻاهرين ملڪ جو |
| گهڙياسين | داخل ٿياسين | چڙيا گهر | جتي مختلف جانور هجن |
| گجگوڙ | وڏو آواز | قِسم | نمونا |
| تلاءُ | پاڻيءَ جو ڪڏو | رنگ برنگي | مختلف رنگ جا |

### خلاصو

اسين پنهنجي اسڪول پاران استادن سان گڏجي جانورن جو باغ (چڙيا گهر) گهمڻ وياسين. ٽڪيٽون وٺي اسان باغ ۾ داخل ٿياسين. چڙيا گهر ۾ رڇ، لومڙ، گدڙ ۽ بگهڙ کان سواءِ ٻيا ڪيترائي جانور پنهنجن پنهنجن پڃرن ۾ بند پيل هئا. اوچتو پريان شينهن کي ڏٺو سين جيڪو گجگوڙ ڪري رهيو هو. هڪ تلاءَ ۾ بدڪون ۽ ٻگهه پکي تري رهيا هئا. ٻئي تلاءَ ۾ واڳون هئا. ڪن پڃرن ۾ مور، ڍيل ۽ قسمين قسمين رنگين طوطا ۽ ڪبوتر پڻ هئا. جانورن جي باغ گهمڻ ۾ ڏاڍو مزو آيو. گهمي ڦري منجهند جو گهرن ڏانهن موٽياسين.

# مشق

## ا هيٺين سوالن جا جواب لکو.

1. چڙياگھر ڇاکي چئبو آھي؟

ج: جانورن جي باغ کي چڙيا گھر چئبو آھي.

2. شاگردن لاءِ ٽڪيٽون ڪنھن ورتيون؟

ج: شاگردن لاءِ ٽڪيٽون استاد ورتيون.

3. جھولن ۾ ڪير ٽپا ڏئي رھيا ھئا؟

ج: جھولن ۾ يولڙا ٽپا ڏئي رھيا ھئا.

4. تلاءَ ۾ ڪير تري رھيا ھئا؟

ج: تلاءَ ۾ بدڪون ۽ ٻگھ پکي تري رھيا ھئا.

## ب هيٺين لفظن جا ضد لکو.

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| استاد | شاگرد | اڳتي | پوئتي | موجود | غائب |
| گڏجي | جدا/الڳ | ولايتي | ديسي | اندر | ٻاھر |

## ج هيٺين واحد لفظن جا جمع لکو.

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| ٽڪيٽ | ٽڪيٽون | پڃرو | پڃرا | طوطو | طوطا |
| بدڪ | بدڪون | تلاءُ | تلاءَ | جھولو | جھول |

## ر سڃاڻوءِ انھن جا نالو ٻڌايو.



ڪتو



بدڪ



ٻلي

# تارا

## ڏکين لفظن جي معنيٰ

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| ڪاري رات | اونداهي رات | ڪَتي | سَتن تارن جو ميڙ |
| سورج | سِج | پارا | ٻارهن تارن جو ميڙ |
| چوپائي | چئن تارن جو ميڙ | واٽ | رستو |
| ٽيڙو | ٽِن تارن جو ميڙ | وڻائن | ڏيکارين |

## شعرن جي تشريح

بيت:
ڪاري رات ۾ نڪري تارا
ڪيڏا لڳندا آهن پيارا

سمجهاڻي: هن بيت ۾ شاعر "غلام محمد غازي" چوي ٿو ته ستارا ڪاريءَ رات ۾ آسمان ۾ نڪرندا آهن ۽ تمام پيارا لڳندا آهن.

بيت:

سورج ڪان ڪي وڏا ٽين ٽا
سورج جهڙا ڪيئي تارا

سمجهاڻي: هن بيت ۾ شاعر "غلام محمد غازي" چوي ٿو ته ڪي ته ستارا سج کان به تمام وڏا ٽين ٽا ۽ ڪيترائي وري سج جيترا به ٽين ٽا.

بيت:

چمڪي ڪي ناهن چوپائي
ٽيڙوءِ ڪتي ۽ ڪي ٻارا

سمجهاڻي: هن بيت ۾ شاعر ”غلام محمد غازي“ چوي ٿو ته ستارا اهڙي نموني قطارون ناهي چمڪن ٿا جو چوپائي مال، ٽيڙوءَ، ڪتيءَ ۽ ٻارن جون شڪليون نهي ٿيون پون.

بيت:

تارن جي چا ڳالهه ٻڌايان
گرم جسم جي آهن سارا

سمجهاڻي: هن بيت ۾ شاعر ”غلام محمد غازي“ چوي ٿو ته ستارن جي ڪهڙي ڳالهه ٻڌايان، هي سڀ ستارا گرم جسم وارا آهن.

بيت:

رات جي سهڻي وقت ۾ ” غازي“
چمڪي واٽ ونائن تارا

سمجهاڻي: هن بيت ۾ شاعر ”غلام محمد غازي“ چوي ٿو ته رات جي اوندهه واري وقت ۾ ستارا روشني ڪري رستو ڏيکارين ٿا.

## مشق

ا هيٺين سوالن جا جواب لکو.

1. تارا ڪهڙي مهل نظر ايندا آهن؟

ج. تارا رات جو نظر ايندا آهن.

2. چا ڪي ستارا سچ کان بہ وڏا هوندا آهن؟

ج. ها،ڪي ستارا سچ کان بہ وڏا هوندا آهن.

3. ستارا ڪهڙي قسم جا جسم هوندا آهن؟

ج. ستارا گرم جسم هوندا آهن.

## ب هيٺين لفظن جا ضد لکو.

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| سج | چنڊ | رات | ڏينهن | ڪاري | اڇي |
| گرم | ٿڌو | وڏا | ننڍا | | |

## ج هيٺين واحد لفظن جا جمع لکو.

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| تارو | تارا | ٻارو | ٻارا | جِسمُ | جسمَ |
| پيارو | پيارا | سِجُ | سِجَ | | |

## د پڙهوءِ سٽن اکرن ۾ لکو:

| | | | |
|---|---|---|---|
| رات | ____________ | سورج | ____________ |
| چوپائي | ____________ | سهٽي | ____________ |
| ٻارا | ____________ | تيڙو | ____________ |
| چمڪي | ____________ | گرم | ____________ |

## ر اکر ملائي لفظ ٺاهيو.

| | | | |
|---|---|---|---|
| ل ڳ ن دا | لڳندا | ج س م | جسم |
| چ م ڪي | چمڪي | و ق ت | وقت |
| ڪ ت ي | ڪتي | | |

## هہ لفظ ٺاهيو جيئن تارا مان تارو

| | | | |
|---|---|---|---|
| گهوڙا | گهوڙو | جهندا | جهندو |
| طوطا | طوطو | ڪپڙا | ڪپڙو |

سبق 12

# جاندارَ ۽ بي جان شيون



## ڏکين لفظن جي معنيٰ

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| چؤڏاري | چؤطرف | واڌ ويجهه | نشونما |
| جاندار | ساهه وارا | چرپر | حرڪت |
| ساهوارا | جاندار | ڪي | ڪجهه |
| ضرورت | گهرج | مينهن | برسات |
| متائين | ڦيرائين | صحت | تندرستي |

### خلاصو

اسين پنهنجي چؤڏاري ڪيترين ئي شين ڏسون ٿا، انهن مان ڪي جاندار ته ڪي بي جان آهن. ڪانءُ، ڪبوتر، طوطو جاندار آهن. ٻوٽا ۽ وڻ به جاندار آهن، اسين ماڻهو به ساهوارا يعني جاندار آهيون، ڳئون، رڍ، مينهن ۽ ٻڪري به ساهوارا آهن. انهن جو اسان کير پيئندا آهيون، کير مان ڏڌ ۽ مکڻ ٺهندو آهي. نم، ٻٻر، ڪڻڪ، ڪمند، ٻاجيون ۽ گاهه به جاندار آهن، اهي جاءِ نه ٿا متائين، پر واڌ ويجهه ڪن ٿا. ڪتاب، ميز، ڪرسي، گلاس بي جان شيون

آهن. بي جان شيون چرپر نہ ٿيون ڪن ۽ انهن ۾ واڌ بہ نہ ٿيندي آهي. جڏهن تہ جاندار شيون چرپر ڪن ٿيون ۽ وڌن ٿيون.

## مشق

### ا هيٺين سوالن جا جواب لکو.

1. جاندار ڇاکي چئبو آهي؟

ج. جيڪي ساهہ وارا هجن انهن کي جاندار چئبو آهي.

2. بي جان شيون ڇاکي چئبو آهي؟

ج. جيڪي ساهہ نہ کڻن انهن کي بي جان شيون چئبو آهي.

3. ڏڌ ۽ مکڻ ڇا مان ٺهندا آهن؟

ج. ڏڌ ۽ مکڻ کير مان ٺهندا آهن.

4. مڇيون ڪٿي رهنديون آهن؟

ج. مڇيون پاڻيءَ ۾ رهنديون آهن.

### ب هيٺيان خال ڀريو.

1. اسان پنهنجي چؤڌاري ڪيتريون ئي ___شيون___ ڏسون ٿا.
2. ڪانءُ، ڪبوتر ۽ طوطو ___جاندار___ آهن.
3. اسان ___ماڻهو___ بہ ساهوارا آهيون.
4. ___کير___ مان ڏڌ ۽ مکڻ ٺهندا آهن.
5. ___بي جان___ شيون چرپر نہ ٿيون ڪن.

### ج هيٺيان جاندار آهن يا بي جان. جاندار جي سامهون ✓ جو نشان لڳايو:

 ✓



 ✓



 ✓

# رنگ سڃاڻ

## ڏکين لفظن جي معنيٰ

| معنيٰ | لفظ | معنيٰ | لفظ |
|---|---|---|---|
| آسمان | آڪاش | ڄاڻ | سڃاڻ |
| هيڊو | پيلو | ابتدائي | شروعاتي |
| ان وانگي | جهڙو | سِج | سورج |

بيت: اڇو اوهان کي ٿا سمجهايون
رنگ سڃاڻ ٿا سيکاريون

سمجهاڻي: هن بيت ۾ شاعر ”غلام محمد غازي“ چوي ٿو ته ٻارو اڇو ته اوهان کي رنگ سڃاڻ سيکاريون.

بيت: رنگ شروعاتي ٽي آهن
تن کان وڌيڪ ٻيا ٿيندا ناهن

سمجهاڻي: هن بيت ۾ شاعر ”غلام محمد غازي“ چوي ٿو ته بنيادي صرف ٽي رنگ ٿيندا آهن ۽ تن کان وڌيڪ ناهن ٿيندا.

بيت: هڪڙو رنگ ته آهي پِيلو،
سج پچ سورج مکيءَ جهڙو.

سمجهاڻي: هن بيت ۾ شاعر غلام محمد ”غازي“ رنگن جو تعارف ڪرائيندي چوي ٿو ته رنگن ۾ هڪڙو رنگ پِيلو آهي جيڪو بلڪل سورج مکيءَ جهڙو آهي.

**بيت:** ٻيو رنگ سهڻو ڳاڙهو آهي،
جهڙو گل گُلابي آهي.

سمجهاڻي: هن بيت ۾ شاعر غلام محمد ”غازي“ رنگن جو تعارف ڪرائيندي چوي ٿو تہ رنگن ۾ هڪڙو رنگ ڳاڙهو آهي جيڪو بلڪل گلابي آهي.

**بيت:** ٽيون رنگ نيرو ٽيندو آهي،
جهڙو رنگ آڪاش جو آهي.

سمجهاڻي: هن بيت ۾ شاعر غلام محمد ”غازي“ رنگن جو تعارف ڪرائيندي چوي ٿو تہ رنگن ۾ هڪڙو رنگ نيرو آهي جيڪو آسمان جهڙو آهي.

**بيت:** هي جي پاڻ ۾ ملندا ”غازي“،
تن مان ٻيا رنگ نهندا آهن.

سمجهاڻي: هن بيت ۾ شاعر غلام محمد ”غازي“ چوي ٿو تہ جڏهن اهي رنگ پاڻ ۾ ملندا آهن تڏهن انهن مان ٻيا رنگ نهندا آهن.

# مشق

## ا هيٺين سوالن جا جواب لکو.

1. توهان جو پسنديده رنگ ڪهڙو آهي؟

ج اسان جو پسنديده رنگ نيرو آهي.

2. شروعاتي رنگ گهڻا آهن؟ ج شروعاتي رنگ ٽي آهن.

3. آڪاش جو رنگ ڪهڙو آهي؟ ج آڪاش جو رنگ نيرو آهي.

## ب هيٺين لفظن جا ضد لکو.

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| اچو | ڪارو | آڪاش | زمين | شروعاتي | آخري |
| هيٺ | مٿي | ننڍو | وڏو | گل | ڪنڊو |

## ج هيٺين واحد لفظن جا جمع لکو.

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| شيءِ | شيون | پاڇي | پاڇيون | ٻوٽو | ٻوٽا |
| ٻلي | ٻليون | ميوو | ميوا | مڇي | مڇيون |

## د اکر ملائي لفظ ٺاهيو:

| | | | |
|---|---|---|---|
| س م جها ي ون | سمجهايون | س و ر ج | سورج |
| پ ي ل و | پيلو | س ھ ٽ و | سهٽو |
| گ ل ا ب ي | گلابي | ٽ ي ن د ا | ٽيندا |
| م ل ن د ا | ملندا | م ا ڪ ي | ماڪي |

## ھ هي ڇا آهن؟



پن



رنگ



گلاب جو گل




# اسان جو وطن

## ڏکين لفظن جي معنيٰ

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| جبل | ٽڪر/پهاڙ | ملڪ | ديس |
| ٻيلا | جهنگ | ٻلي | سٽي |
| اناج | خوراڪي شيون | پيار | محبت |
| ڀانت ڀانت | قسمين قسمين | نشان | علامت |
| اوچو | بلند | جهنڊو | پرچم |
| سدائين | هميشه | قائد | اڳواڻ |
| اعظم | وڏو | | |

## خلاصو

اسان جنهن ملڪ ۾ رهون ٿا، ان جو نالو پاڪستان آهي. پاڪستان قائد اعظم محمد علي جناح ٺاهيو. اسان جي ملڪ ۾ وڏا وڏا جبل، ٻيلا ۽ ميدان آهن، ان ۾ سمنڊ، درياءَ ۽ ڍنڍون پڻ آهن. پاڪستان جو سڀ کان وڏو درياءُ سنڌو درياءَ آهي.

پاڪستان ۾ ڪنڊ، ڪپڙي، دوائن ۽ ٻين شين ٺاهڻ جا ڪارخانا آهن. اسان جي ملڪ ۾ سنڌي، پنجابي، پٺاڻ، بلوچ، سرائڪي ۽ ٻيا رهن ٿا، پر اسان ۾ ڪوئي فرق ناهي. اسين

سڀ پاڪستاني آهيون، اسان جي ملڪ جي جهنڊي ۾ چنڊ ۽ ستاري جو نشان آهي.

## مشق

### ا هيٺين سوالن جا جواب لکو.

1. اسان جي وطن جو نالو ڇا آهي؟

ج. اسان جي وطن جو نالو پاڪستان آهي.

2. پاڪستان ڪنهن ٺاهيو؟

ج. پاڪستان قائد اعظم محمد علي جناح ٺاهيو.

3. پاڪستان جي قومي جهنڊي جو رنگ ڪهڙو آهي؟

ج. پاڪستان جي قومي جهنڊي جو رنگ سائو ۽ اڇو آهي.

4. پاڪستان جو وڏي ۾ وڏو درياءُ ڪهڙو آهي؟

ج. پاڪستان جو وڏي ۾ وڏو درياءُ سنڌو درياءُ آهي.

### ب صحيح جواب چونڊيو.

1. اسان جي ملڪ جو نالو آهي:

(i) تاجڪستان (ii) افغانستان ✓ (iii) پاڪستان

2. پاڪستان ٺاهيو:

✓ (i) محمد علي جناح (ii) حفيظ جالندري (iii) لياقت علي

3. اسان سڀ آهيون:

(i) جاپاني ✓ (ii) پاڪستاني (iii) آمريڪي

4. اسان جي ملڪ جو نشان آهي:

(i) چنڊ ۽ زمين (ii) چنڊ ۽ سج ✓ (iii) چنڊ ۽ تارو

## ج اکر ملائي لفظ ٺاهيو.

| | | | |
|---|---|---|---|
| م ي د ا ن | ميدان | س ن ي ا ل | سنيال |
| پ ا ڄ ي و ن | پاڄيون | گ ھ ر ج ي | گهرجي |

## د هيٺيان خال ڀريو.

1. اسان جي ملڪ جو نالو ___پاڪستان___ آهي.
2. اسان جي ملڪ ۾ وڏا وڏا جبل، ٻيلا ۽ ___ميدان___ آهن.
3. پاڪستان ۾ ___سنڌو درياءَ___ نالي هڪ وڏي ندي وهي ٿي.
4. اسان جي ملڪ ۾ پانت پانت جا ___ماڻهو___ رهن ٿا.
5. ___چنڊ___ ۽ ___تارو___ اسان جي ملڪ جو نشان آهي.



# سياڻي ڇوڪري

## ڏکين لفظن جي معنيٰ

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| سونهن | خوبصورتي | زيان | نقصان |
| بچت | ڪفايت | غلطي | چڪ |
| اوبر | جونو ڪرڻ | سٽي | يلي |
| ڏاريون | گهٽيون | عادت | خصلت |
| ادي | ڀيڻ | اجايو | هرويرو |
| وِسرڻ | ڀلجڻ | | |

### خلاصو

هي سبق مرڪ ۽ سونهن بابت لکيل آهي، مرڪ پنهنجي ڀيڻ کي سمجهائيندي چوي ٿي ته پاڻيءَ جو نلڪو ڇو کولي ڇڏيو اٿئي ائين ڪرڻ سان پاڻي ڪيترو زيان ٿي ويو ۽ اها غلط ڳالهه آهي. اسان کي هر شيءِ جي بچت ڪرڻ گهرجي. مثلاً ڪمري ۾ ڪير به نه هجي ته پکو ۽ بلب بند ڪرڻ گهرجي ته ڇلهو به اجايو نه ٻاري ڇڏجي. ڪاڏو ڪائڻ وقت اها ڳالهه ذهن ۾ رکجي ته جيتري بک هجي اوترو ڪاڏو ڪائڻ گهرجي پر اجايو اوير ڪري ڦٽو نه ڪجي مطلب ته هر ڳالهه ۾ بچت ڪرڻ ضروري آهي.

## مشق

**١ هيٺين سوالن جا جواب لکو.**

1. ڪمري ۾ ڪير نہ هجي تہ ڇا ڪجي؟

ج: ڪمري ۾ ڪير نہ هجي تہ بلب ۽ پکو بند ڪرڻ گهرجي.

2. سو [illegible] گهرجي.

ج: سونهن ڪان پاڻيءَ جو نلڪو بند ڪرڻ وسري ويو.

3. ٻين ڪهڙين شين جي بچت ڪرڻ گهرجي؟

ج: بجلي زيان نہ ڪرڻ گهرجي، چلهو اجايو نہ ٻارجي ۽ ڪاڏو اجايو

ج: اوبر ڪري نہ ڦٽو ڪجي.

سبق 16

# پيلا ٻڌاءِ تہ ڇا آهي؟



## ڏکين لفظن جي معنيٰ

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| ماس | گوشت | هڏ | جسم جو سخت حصو |
| پڙاڏو | آواز | وڍجڻ | ڪپجڻ |
| گهٽايون | گهٽ ڪرڻ | سولو | آسان |
| پاڇو | سايو | گڏ گڏ | ساڻ |

## شعرن جي تشريح

**بيت:**

ماس بہ ناهي هڏ بہ ناهي
ڪوئي پڙاڏو سڏ بہ ناهي

سمجهاڻي: هن بيت ۾ شاعر "غلام محمد غازي" ٻجهارت ڏيندي چوي ٿو تہ اهڙي شيءِ جيڪا ماس بہ ناهي ۽ هڏ بہ ناهي ۽ ڪوئي آواز بہ ناهي.

**بيت:**

ڪير ٻڌائيندو هي ڇا آهي
ساڻ سيني سان رهندو آهي

سمجهاڻي: هن بيت ۾ شاعر "غلام محمد غازي" ٻجهارت

ڏيندي چوي ٿو تہ پلا ڪير ٻڌائيندو ان جو نالو، اهو سيني سان گڏ بہ هوندو آهي.

**بيت:**

وڃڻ سان هي وڃيو ناهي
جي تا گھٽايون گھٽبو ناهي

**سمجھاڻي:** هن بيت ۾ شاعر "غلام محمد غازي" ٻجھارت ڏيندي چوي ٿو تہ اهڙي شيءِ جيڪا وڃي بہ نہ ٿي ۽ گھٽائڻ سان گھٽبي بہ نہ آهي.

**بيت:**

ڪٽندا آهيون ڪڇندو ناهي
ڦيرائڻ سان ڦرندو ناهي

**سمجھاڻي:** هن بيت ۾ شاعر "غلام محمد غازي" ٻجھارت ڏيندي چوي ٿو تہ اهڙي شيءِ جيڪا ڪٽڻ سان ڪڇي بہ نہ ٿي ۽ ڦيرائڻ سان ڦري بہ نہ ٿي.

**بيت:**

هلون تہ گڏ گڏ هلندو آهي
جي تا بيهون بيهندو آهي

**سمجھاڻي:** هن بيت ۾ شاعر "غلام محمد غازي" ٻجھارت ڏيندي چوي ٿو تہ جيڪڏهن اسان گھمندا آهيون تہ اسان سان گڏ اها شيءِ بہ گھمندي آهي ۽ جيڪڏهن اسان رڪجي ويندا سين تہ اها شيءِ بہ رڪجي ويندي آهي.

بيت:

سمجهي وياسون سولو آهي
ان جو نالو پاچو آهي

سمجهاڻي: هن بيت ۾ شاعر ”غلام محمد غازي“ ٻڄهارت بابت چوي ٿو تہ هاڻي اسان سمجهي وياسين تہ اها ڪهڙي شيءِ آهي، اهو پاچو آهي.

## مشق

### ا خال ڀريو .

الف ماس بہ ناهي ______هڏ______ بہ ناهي

ب ساڻ ______سيني______ سان رهندو آهي

ج وڄجڻ سان هي ______وڄبو______ ناهي

د هلون تہ ______ڳڏ ڳڏ______ هلندو آهي

### ب هيٺين واحد لفظن جا جمع لکو.

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| پڙاڏو | پڙاڏا | سولو | سولا | پاچو | پاچا |
| ماسُ | ماسَ | نالو | نالا | سَڏُ | سَڏَ |

### ج لفظ ڳاهيو: جيئن خبر مان خبرون

| | | | |
|---|---|---|---|
| رڙ | رڙون | ڪل | ڪلون |
| ڪار | ڪارون | ڪل | ڪلون |

# اچوتہ گُل ٺاهيون





## ڏکين لفظن جي معنيٰ

| لفظ | معنيٰ | سيکارڻ | سمجهائڻ |
|---|---|---|---|
| ڪنارن | پاسن | ٽُڪر | ٽورو حصو |
| برابر | هڪ جيترا | موڙيو | وَرايو |
| ڪپيو | ڪٽيو | حِصن | ڀاڱن |
| جهليو | پَڪڙيو | آئون | مان |
| مهرباني | شڪريو | ڪاغذ | پنو |

### خلاصو

هي سبق گل ٺاهڻ بابت آهي، جنهن ۾ جنيد ڀاءُ جواد کي گل ٺاهڻ بابت ٻڌائيندي چوي ٿو تہ هڪ ڪاغذ جو ٽڪرو ڪٽي چئن ڪنارن کان برابر ڪريو، هاڻي ان کي ٻن حصن ۾ موڙيو، وري ان کي ٻن حصن ۾ موڙيو، ائين ڪرڻ سان اهو چئن حصن ۾ ورهائجي ويو، ان تي پينسل سان هن نموني نشان لڳايو، وچ واري تہ کي کاٻي هٿ سان جهليو، هاڻي ساڄي هٿ ۾ ڪئنچي کڻو، پوءِ نشان ڏنل جاين کان

ڪپيو، هاٿي ڪولي ڏسو تہ هي گل ٺهي ويو.

# مشق

## ا هيٺين سوالن جا جواب لکو.

1. ڇا جنيد جي ياءُ کي گل ٺاهڻ ايندا آهن؟

ج. ها،جنيد جي ياءُ کي گل ٺاهڻ ايندا آهن.

2. جنيد جي ياءُ گلن ٺاهڻ کان اڳ ۾ ڪيس ڇا سيکاريو هو؟

ج. جنيد جي ياءُ گلن ٺاهڻ کان اڳ ۾ ڪيس ٻيڙي ٺاهڻ سيکاري هئي.

3. پهريائين ڪاغذ کي ڇا ڪرڻ گهرجي؟

ج. پهريائين ڪاغذ جي چئني ڪنارن کي برابر ڪرڻ گهرجي.

## ب هيٺين واحد لفظن جا جمع لکو.

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| ٽڪرو | ٽڪرا | ڪاغذُ | ڪاغذَ | جاءِ | جايون |
| حصو | حصا | نشانُ | نشانَ | ڪنارو | ڪنارا |

## ج لفظ ٺاهيو: جيئن ڪر مان ڪريو:

| | | | |
|---|---|---|---|
| سيڪار | سيکاريو | موڙ | موڙيو |
| جهل | جهليو | ڪول | ڪوليو |
| ٺاهہ | ٺاهيو | ڪپ | ڪپيو |



# سج

## ڏکين لفظن جي معنيٰ

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| اُيرندو | نڪرندو | گھٽجڻ | گھٽ ٿيڻ |
| چؤڏاري | چؤطرف | ڌرتي | زمين |
| لڙڻ | مڙڻ | مَٽجڻ | بَدلجڻ |
| نعمت | انعام | پوکون | ڪيت، ٻنيون |
| مندون | موسمون | ميوا | ڦل |
| رڃي | پگھرجي | رڳو | فقط |

## خلاصو

سج اوڀر ڪان اُيرندو آهي ۽ اولهه طرف لهندو آهي، سج اُڀرڻ سان ڏينهن ٿيندو آهي ۽ چؤڏاري روشني ٿي ويندي آهي، منجهند جو سج بلڪل مٿان اچي ويندو آهي، جنهن ڪري گرمي ٿيندي آهي ۽ پاڇا ڏگها ٿيندا ويندا آهن ۽ جڏهن سج اولهه طرف ٿيندو آهي ته پاڇا ڏگها ٿي ويندا آهن. سج لهڻ ڪان پوءِ رات ٿي ويندي آهي، سج الله تعاليٰ جي هڪ وڏي نعمت آهي. سج جي گرميءَ تي پوکون ۽ ميوا پچن ٿا. جيڪڏهن سج نہ هجي ها تہ رڳو اونده ۽ ٿڌ هجي ها.

# مشق

## ا هيٺين سوالن جا جواب لکو.

1. سج ڪھڙي طرف کان ايري ٿو؟

ج. سج اوڀر کان ايري ٿو.

2. سج ڪھڙي طرف لھي ٿو؟

ج. سج اولھ طرف لھي ٿو.

3. پاڇا ڪھڙي مھل ننڍا ٿين ٿا؟

ج. جنھن مھل سج بلڪل مٿان اچي ٿو ان مھل پاڇا ننڍا ٿين ٿا.

4. سج جي گرميءَ تي ڇا ٿئي ٿو؟

ج. سج جي گرميءَ تي پوکون ۽ ميوا پچن ٿا.

5. سج نہ ھجي ھا تہ ڇا ھجي ھا؟

ج. سج نہ ھجي ھا تہ رڳو اوندھ ۽ ٿڌ ھجي ھا.

## ب خال ڀريو.

1. سج الله تعاليٰ جي ___نعمت___ آھي.
2. جبلن تي ___برف___ رجي ٿي.
3. ائين دريائن ۾ ___پاڻي___ اچي ٿو.

## د هيٺين لفظن جا ضد لکو.

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| رات | ڏينھن | شام | صبح | گرمي | ٿڌ/سردي |
| اوندھ | روشني | ننڍا | وڏا | گھٽجڻ | وڌڻ |

## ر هيٺين واحد لفظن جا جمع لکو.

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| مند | مندون | پاڇو | پاڇا | پيرُ | پيرَ |
| گرمي | گرميون | نالو | نالا | جَبلُ | جبلَ |

# شينهن ۽ ڪوئو (تصوير آڪاڻي)



## ڪهاڻي

هِڪڙي ٻيلي ۾ شينهن ۽ ڪوئو ٻہ دوست رهندا هئا. دوستيءَ کان پهريان، هِڪڙي ڀيري شينهن سُتو پيو هو، تہ ان جي پرسان ڪوئو گذريو. ڪوئو، شينهن کي سُتل ڏسي ان جي مٿان ڪيڏڻ لڳو. شينهن ان جون حرڪتون نہ ڏسي جاڳي پيو ۽ ڪوئي تي ڪاوڙجي پيو. ڪاوڙ ۾ ڪوئي کي کائڻ لاءِ وڌيو، تہ ڪوئي کيس عرض ڪيو تہ مونکي نہ کاءُ مان تنهنجي مدد ڪندس، جنهن تي شينهن کلڻ لڳو تہ ننڍڙو ڪوئو منهنجي ڪيئن مدد ڪندو! هِڪڙي دفعي شينهن ننڊ پيو هو، تہ ڪيس مارڻ لاءِ اِن طرف هڪ شڪاري اچي رهيو هو، ڪوئي ان شڪاريءَ کي ڏسي ورتو ۽ جلدي وجي شينهن کي جاڳايائين ۽ ان جي جان بچايائين.

# آواز (بيت)

## ڏکين لفظن جي معنيٰ


















| لفظ | معنيٰ |
|---|---|
| لرزش | حرڪت/چرپر |
| لھرون | موجون |
| صورت | شڪل |
| پڙاڏو | آواز |
| ڳرو | وزني |
| وزن | بار |
| شعاعون | روشنيءَ جا ڪرڻا |
| ساز | واڄو |
| ورن | موٽن |
| ھلڪو | گھٽ وزني |

| | | | |
|---|---|---|---|
| تڪرائجڻ | لڳڻ | واعدو | پھ |
| تڏھن | تنھن وقت | | |

## شعرن جي تشريح

بيت: جڏھن ڪنھن بہ شيءِ ۾ ٿي لرزش اچي
تڏھن تنھن مان پيدا ٿو آواز ٿئي

سمجھاڻي: ھن بيت ۾ شاعر ”غلام محمد غازي“ چوي ٿو تہ جيڪڏھن ڪنھن بہ شيءِ ڪائي ھلچل، حرڪت پيدا ٿيندي آھي تہ پوءِ ان مان آواز پيدا ٿيندو آھي.

بيت: هي لهرن جي صورت ۾ ايندو ٻه آهي
پڙاڏو ٿي واپس هي ويندو ٻه آهي

سمجهاڻي: هن بيت ۾ شاعر "غلام محمد غازي" چوي ٿو ته آواز لهرن جي شڪل ۾ ايندو آهي ۽ شين مان ٽڪرائجي پڙادي جي شڪل ۾ واپس ٻه ويندو آهي.

بيت: ٿئي ٿو هي هلڪو ڳرو پڻ ٿئي
ڪو آواز ٿلهو، سنهو ٻه ٿئي

سمجهاڻي: هن بيت ۾ شاعر "غلام محمد غازي" چوي ٿو ته آواز مختلف قسمن جو ٿيندو آهي، ڪو آواز هلڪو، ڪو آواز وزني ڪو آواز ٿلهو يا ڪو سنهو ٿيندو آهي.

بيت: ورن روشنيءَ جون شعاعون جيئن
ٿو آواز ٽڪرائجي پيو تيئن

سمجهاڻي: هن بيت ۾ شاعر "غلام محمد غازي" چوي ٿو ته اچو ته هيءُ پاڻ ۾ واعدو ڪريون ته ڪڏهن ٻه ڪو ٻه ساز وڏي آواز سان نه وڄائينداسين ته جيئن ڪنهن کي ڪائي تڪليف نه ٿئي.

## مشق

### ا هيٺين سوالن جا جواب لکو.

1. آواز ڪيئن پيدا ٿيندو آهي؟

ج: جڏهن ڪنهن شيءِ ۾ لرزش ايندي آهي، تڏهن آواز پيدا ٿيندو آهي.

2. لهرن جي صورت ۾ ڇا ايندو آهي؟

ج: لهرن جي صورت ۾ آواز ايندو آهي.

3. شعاعون ڇا مان نڪرنديون آهن؟

ج: شعاعون روشنيءَ مان نڪرنديون آهن.

4. اسان ڪي ڪهڙو واعدو ڪرڻ کپي؟

ج: اسان کي هي واعدو ڪرڻ کپي ته ڪڏهن به ساز ڏاڍيان نه وڄائينداسين.

### ب هيٺين لفظن جا ضد لکو.

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| هلڪو | ڳرو | اڇڻ | وڃڻ | اٿڻ | ويهڻ |
| ٿلهو | سنهون | روشني | اونده | ڏاڍيان | آهستي |

### ج هيٺين واحد لفظن جا جمع لکو.

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| شيءِ | شيون | شعاعُ | شعاعون | آوازُ | آواز |
| صورت | صورتون | پڙاڏو | پڙاڏا | واعدو | واعدا |

### ر سڃاڻو ۽ نالا ٻڌايو:



ڪُڪڙ



گلاب جو گل



بدڪ

# دعا (بيت)



## ڏکين لفظن جي معنيٰ

| لفظ | معنيٰ |
|---|---|
| منڙا | پيارا |
| مولا | مالڪ |
| سونهن | حسن |
| سهسين | سوين، بيشمار |
| جوت | روشني |
| جلايئي | روشن ڪيئي |
| سمايئي | وِڌئي |
| ڪِلايئي | نڪاريئي |
| جام | گهڻو |
| ڦُڙ ڦُڙ | قطرو قطرو |
| وات ونائج | رستو ڏيکار |

| لفظ | معنيٰ |
|---|---|
| منجهه | اندر/وچ ۾ |
| روپ | شڪل |
| جر | زمين اندر پاڻي |
| اُڀ | آسمان |
| جڳ | جهان/ دنيا |
| رسائج | پهچاءِ |

## شعرن جي تشريح

**بيت:**

منهنجا منڙا مولا سائين
شال تون منهنجي سمجهه وڌائين

**سمجهاڻي:** هن بيت ۾ شاعر "غلام محمد غازي" الله پاڪ جي بارگاهه ۾ عرض ڪندي چوي ٿو ته منهنجا پيارا الله سائين منهنجي عقل، منهنجي سمجهه ۾ اضافو فرماءِ.

بيت:

سونهن جا سهسين رنگ بڻايئي
خوشبوءِ گلڙن منجهه سمايئي

**سمجهاڻي:** هن بيت ۾ شاعر ”غلام محمد غازي“ الله سائينءَ جو شان ٻڌائيندي چوي ٿو ته پيارا الله سوين، هزارين سهڻا رنگ بڻايئي، گلن ۾ به تون ئي خوشبوءِ عطا ڪئي آهي.

بيت:

چنڊ تارن جي جوت جلايئي
ڌرتيءَ تي چا روپ ڪِلايئي

**سمجهاڻي:** هن بيت ۾ شاعر ”غلام محمد عازي“ الله سائينءَ سان مخاطب ٿيندي چوي ٿو ته چنڊ ۽ ستارا به آسمان ۾ تون ئي پيدا ڪيا ۽ ڌرتيءَ تي به عجب روپ ڪلايئي.

بيت:

جر مان پاڻي جام وهايئي
اڀ مان ڦڙ ڦڙ مينهن وسائي

**سمجهاڻي:** هن بيت ۾ شاعر ”غلام محمد غازي“ الله سائينءَ سان مخاطب ٿيندي چوي ٿو ته پيارا الله زمين جي جر مان به تمام گهڻو پاڻي وهايئي ۽ آسمان به مينهن جي شڪل ۾ پاڻي وسايئي.

بيت:

تون آ مالڪ ساري جڳ جو
تون آن خالق ساري جڳ جو

سمجهاڻي: هن بيت ۾ شاعر ”غلام محمد غازي“ الله سائينءَ سان مخاطب ٿيندي چوي ٿو ته منهنجا الله پاڪ سڄي دنيا جو تون ئي مالڪ ۽ تون ئي پيدا ڪندڙ آهين.

**بيت:**

سائين سهڻي واڻ وثائج
غازيءَ ڪي منزل تي رسائج

سمجهاڻي: هن بيت ۾ شاعر ”غلام محمد غازي“ الله سائينءَ سان مخاطب ٿيندي چوي ٿو ته پيارا الله سٺي ۽ فائدي واري رستي تي اسان کي هلاءِ، جنهن رستي تي هلي، اسان منزل تي پُڄون ۽ ڪامياب ٿي وڃون.

## مشق

**١ هيٺين سوالن جا جواب لکو.**

1. اسان کي سمجهه ڏيڻ وارو ڪير آهي؟
ج. اسان کي سمجهه ڏيڻ وارو الله تعاليٰ آهي.
2. گلڙن ۾ خوشبوءِ ڪنهن سمائي آهي؟
ج. گلڙن ۾ خوشبوءِ الله تعاليٰ سمائي آهي.
3. اُڀ تان برسات وسائڻ وارو ڪير آهي؟
ج. اُڀ تان برسات وسائڻ وارو الله تعاليٰ آهي.

## ب هيٺيان خال ڀريو.

1. ____جر____ مان پاڻي جام وهايئي
2. تون آن ____مالڪ____ ساري جڳ جو
3. تون آ ____خالق____ ساري جڳ جو
4. سائين سهڻي ____واٺ____ ونائج

## ج هيٺين لفظن جا جمع لکو.

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| گلڙو | گلڙا | واٺ | واٺون | تارو | تارا |
| روپُ | روپَ | مَنزل | منزلون | رَنگُ | رنگَ |